SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريہ 1973

SINDH ACT NO.XIII OF 1973

اولهہ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

THE WEST PAKISTAN EMPLOYEES, SOCIAL SECURITY (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد

1. مختصر عنوان
2. اولهہ پاڪستان آرڊيننس 1965 جي شق 5 ۾ ترميم
3. اولهہ پاڪستان آرڊيننس 1965 جي منسوخي.

سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريہ 1973

SINDH ACT NO.XIII OF 1973

اولھ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

THE WEST PAKISTAN EMPLOYEES, SOCIAL SECURITY (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

[4 جولاءِ 1973]

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ جو آرڊيننس 1965 ۾ ترميم آڻڻ وارو ايڪٽ.

تمهيد

جيئن تہ اهو مناسب سمجهيو ويو تہ اولھ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ آرڊيننس 1965ع کي صوبہ سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو وڃي.

ان کي هيٺين ريت لاڳو ڪيو وڃي ٿو.

مختصر عنوان ۽ آغاز

1. (1) هي ايڪٽ اولھ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي عمل ۾ ايندو.

اولھ پاڪستان آرڊيننس 1965 جي شق 5 ۾ ترميم

2. صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان ملازمن جي سماجي تحفظ آرڊيننس 1965 جي شق 5 جي ذيلي شق (1) کي هن ريت تبديل ڪيو ويندو.

(i) شق (اي) جي لاءِ هيٺين تبديلي ٿيندي يعني:

”(اي) A هڪ ماڻهو جيڪو صوبائي وزير هجي يا هاءِ ڪورٽ جو جج رهيو هجي يا پاڪستان جي سول سروس جو سينئر آفيسر هجي جو ڊويزن جي ڪمشنر جي عهدي کان گهٽ جو نہ ججي يا مرڪزي حڪومت

۾ جوائنٽ سيڪريٽري يا سرڪاري سيڪريٽري هجي ۽ اهڙو شخص گورننگ باڊي جو صدر (چيئرمين) ٿيندو. ۽	
(ii) شق E جي لاءِ هيٺيون شقون تبديل ٿينديون يعني، E ڪمشنر F طبي مشير (Medical Advisor) Ex_Officio ۽	
(iii) شق 12 جي ذيلي شق (1) جي شق (D) ڊي ختم ڪئي ويندي.	
(3) اولهه پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ جو آرڊيننس 1965 ايڪٽ منسوخ ٿي ويو.	اولهه پاڪستان آرڊيننس 1965 جي منسوخي.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.